SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1996

# SINDH ACT NO.VII OF 1996

# سنڌ پارلياماني سيڪريٽريز جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1996

# THE SINDH PARLIAMENTARY SECRETARIES (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ACT, 1996

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعه 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Act XXIV of 1974
3. 1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعه 4_A جي ترميم
Amendment of section 4_A of Sindh Act XXIV of 1974
4. 1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعه 4_B جي ترميم
Amendment of section 4_B of Sindh Act XXIV of 1974
5. 1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعه 4_D جي ترميم
Amendment of section 4_D of Sindh Act XXIV of 1974

.6 1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعه 4_E جي ترميم

Amendment of section 4_E of Sindh Act XXIV of 1974

.7 1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعه 5 کي ختم ڪرڻ

Deletion of section 5 of Sindh Act XXIV of 1974

# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1996

# SINDH ACT NO.VII OF 1996

# سنڌ پارلياماني سيڪريٽريز جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1996

# THE SINDH PARLIAMENTARY SECRETARIES (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ACT, 1996

[13 مارچ 1996]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ پارلياماني سيڪريٽريز جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1974 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ پارلياماني سيڪريٽريز جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1974 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ پارلياماني سيڪريٽريز جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1996 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1974 جي سنڌ

2. سنڌ پارلياماني سيڪريٽريز جون (پگهارون، الائونسز ۽

| | |
|---|---|
| مراعتون) ايڪٽ، 1974 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 3 لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: | ايڪٽ XXIV جي دفعہ 3 جي ترميم Amendment of section 3 of Sindh Act XXIV of 1974 |
| "**3. پگهار ۽ مراعت.** هڪ پارلياماني سيڪريٽري کي ڏنيون وينديون:<br>(i) پگهار ڏهہ هزار هڪ سئو نوي رپيا ماهوار؛ ۽<br>(ii) آرڊرلي الائونس هڪ هزار رپيا ماهوار 31 آگسٽ، 1995 تائين ۽ هڪ هزار ڇهہ سئو رپيا ماهوار پهرين سيپٽمبر، 1995 کان.<br>(iii) 1300 سي سي جي هڪ سرڪاري ڪار جو استعمال (مقامي طور تي تيار ٿيل) هڪ ڊرائيور سان گڏ حڪومت جي خرچ تي سنڀاليل. | |
| 3. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 4_A جي ذيلي دفعہ (2) ۾، لفظن "هڪ هزار پنج سئو رپيا ماهوار" لاءِ لفظن "1991 موجب ڏنل بي ايس 21 جي گهٽ ۾ گهٽ پنجيتاليهہ سيڪڙو" کي متبادل بڻايو ويندو. | 1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعہ 4_A جي ترميم Amendment of section 4_A of Sindh Act XXIV of 1974 |
| 4. دفعہ 4_B جي شق (ii) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:<br>"(ii) ساڳئي اسڪيل جيئن بي ايس 21 جي عملدار کي ڏنيون وينديون آهن، سرڪاري خرچ تي رهائشگاهہ ۾ آفيس ۾ ٽيليفون جون سهولتون." | 1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعہ 4_B جي ترميم Amendment of section 4_B of |

Sindh Act XXIV of 1974

1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعہ 4_D جي ترميم
Amendment of section 4_D of Sindh Act XXIV of 1974

5. جاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 4_D ۾ لفظن "اسيمبلي جو هڪ ميمبر" لاءِ لفظن "بي ايس 21 جو هڪ عملدار" سان متبادل بڻايو ويندو.

1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعہ 4_E جي ترميم
Amendment of section 4_E of Sindh Act XXIV of 1974

6. جاٽايل ايڪٽ ۾ دفعہ 4_D کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"4_E **ميڊيڪل سهولتون.** پارلياماني سيڪريٽري کي ميڊيڪل سهولتون فراهم ڪيون وينديون جيئن بي ايس 21 جي عملدار کي ڏنيون وينديون آهن.".

1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعہ 5 کي ختم ڪرڻ
Deletion of section 5 of Sindh Act XXIV of 1974

7. جاٽايل ايڪٽ, جي دفعہ 5 کي ختم ڪيو ويندو.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**